بِسمِ اللّٰہَ الرَّحمٰنِ الرَّحِيم

غزليات

شهنشاهِ عشق دوله درازي حضرت

حضرت سچل سرمست رحمت الله عليه



ترجمو

فقير عامر علي درازي

بفيضانِ نظر

شهنشاهِ مرشدِ ڪامل

حضرت صوفي فقير حڪيم وزير حسين درازي قادري

رحمت الله عليه

اگر الله تعالٰي جي ويجهو ٿيڻ ٿو چاهين ۽ سندس
راز پروڙڻ ٿو چاهين ته صدق دل سان شاه درازا
هليوآ

پیش لفظ

یہ کتاب محبت، عقیدت اور سچی طلب کی ایک عاجزانہ کوشش ہے۔ سچل سرمست رحمۃ اللہ علیہ کے عشقیہ اور روحانی کلام میں عشق، طلب، فراق، معرفت، وحدت اور خود شناسی کے مختلف رنگ نمایاں ہوتے ہیں۔ مقصد یہ ہے کہ اس کلام کے فکری اور روحانی پہلو کو ادب اور محبت کے ساتھ آسان انداز میں پیش کیا جائے۔

سچل سائیں کا عشقیہ اور روحانی کلام

سچل سائیں کے کلام میں عشق محض جذباتی وابستگی نہیں بلکہ ایک اندرونی سفر ہے۔ محبوب کے دیدار کی طلب، فراق کی بے قراری، اپنی ذات کے اسرار کی طرف واپسی، معرفت اور حقیقت کی تلاش اس سفر کے اہم رنگ ہیں۔ عاشق محبوب کو تلاش کرتے کرتے اپنے اندر کی طرف بھی متوجہ ہوتا ہے۔

عشق، طلب، فراق اور معرفت

عشق کا آغاز طلب سے ہوتا ہے۔ فراق دل میں بے قراری پیدا کرتا ہے، مگر یہی بے قراری طلب کو مضبوط کرتی ہے۔ پھر خود شناسی اور معرفت کی جستجو شروع ہوتی ہے۔ یوں عشق، طلب، فراق، خود شناسی، معرفت اور حقیقت کی تلاش ایک مسلسل روحانی سفر بن جاتے ہیں۔

وحدت، محبت اور انسانیت

سچل سائیں کے کلام میں وحدت کا تصور عشق اور معرفت کے ساتھ جڑا ہوا نظر آتا ہے۔ اس فکری رخ سے محبت، برداشت، عاجزی، خیر خواہی اور انسان دوستی کا عملی سبق اخذ کیا جا سکتا ہے۔ روحانی محبت کا اثر انسان کے اخلاق اور کردار میں ظاہر ہونا چاہیے۔

دریا، در، نگاہ، مستی اور بے خودی

دریا اور بحر عشق اور معرفت کی وسعت کی تصویریں بنتے ہیں۔ در عاشق کے لیے انتظار، امید، طلب اور سپردگی کی جگہ بن جاتا ہے۔
محبوب کی نگاہ دل میں بے قراری اور دیدار کی طلب پیدا کرتی ہے۔
مستی اور بے خودی کو صوفیانہ اور وجدانی کیفیت کے پس منظر میں سمجھنا زیادہ مناسب ہے۔

منصور حلاج، فنا اور بقا

سچل سائیں کے عشقیہ فکری سلسلے میں منصور حلاج کا حوالہ عشق کے راز، انا الحق کی صدا اور معرفت کے سوالات سے جڑتا ہے۔ یہاں مقصد عقیدتی فیصلہ دینا نہیں بلکہ صوفیانہ شاعری کے فکری اور استعاراتی پس منظر کو سمجھنا ہے۔ فنا اور بقا کو عاشق کی محدود انا کے کم ہونے اور حقیقت کی معرفت کی طرف بڑھنے کے مفہوم میں بھی پڑھا جا سکتا ہے۔

سچل سائیں کا پیغام آج کے انسان کے لیے

آج کے انسان کے لیے اہم سبق یہ ہیں کہ اپنے اندر جھانکے، عشق کو عمل بنائے، انا کو کم کرے، اختلاف میں برداشت رکھے، دکھ میں طلب کو زندہ رکھے اور حقیقت کی تلاش جاری رکھے۔ محبت دل میں ہو تو اخلاق میں بھی نظر آنی چاہیے۔

خود احتسابی

انسان کو دوسروں سے پہلے اپنے آپ کی طرف دیکھنا چاہیے۔ اپنی نیت، سوچ، زبان اور عمل کا احتساب ضروری ہے۔ ہر روز اپنے دل سے پوچھا جائے: آج میں نے کس کو تکلیف دی؟ میرے عمل میں غرور کہاں تھا؟ میں نے کس کے لیے خیر خواہی کی؟ اور اپنے رب اور مقصد کے لیے کتنا وقت نکالا؟

حاصلِ کتاب

سچل سائیں کے عشقیہ کلام کا فکری سفر عشق، طلب، فراق، خود شناسی، معرفت، وحدت اور سپردگی سے جڑا ہوا دکھائی دیتا ہے۔ عشق دل کو جگاتا ہے، طلب سفر شروع کراتی ہے، فراق دل کو پختہ کرتا ہے، خود شناسی اندر کے دروازے کھولتی ہے اور معرفت نظر کو وسیع کرتی ہے۔ محبت صرف پڑھنے کی چیز نہیں بلکہ زندگی میں لانے کی دعوت ہے۔

بسم الله الرحمٰن الرحيم

غزل (01)

(01) مان انهيءَ ڳولها ۾ هو س تہ، پنهنجي دوست کي ڏسان.پنهنجي محبوب جو منهن ڏسڻ لاءِ منهنجي دل شوق کان معمور هئي.

(02) اوچتو غيب کان مون ڏانهن هي جواب آيو تہ اي عاشق! پهريائين پنهنجي اختيار کي مڪمل طرح ترڪ ڪر.

(03) جيڪڏهن تون پاڻ کي فنا ڪيو آهي ۽ منهنجي هستيءَ کي تسليم ڪيو آهي، تہ پوءِ تون بيخبر نہ رهندين، پر پنهنجي ذات جي اسرار کان واقف ٿي ويندين.

(04) پنهنجي جسم جي سمهڻ ۽ جاڳڻ (جي علت) کي سمجھ. هي سڀ ڪجھ اسان ڪيون ٿا. ان کي پنهنجو ڪم نہ سمجھ

(05) هي تنهنجو ڏسڻ ۽ ٻڌڻ، جنهن کي تون پنهنجي ذات ڏانهن منسوب ڪرين ٿو، اهو تنهنجي رب جي طرف کان آهي. ان کي پنهنجو عمل نہ سمجھ.

غزل (02)

(01) اي دوست! مان شهنشاھ آهيان.مون گلن ڦلن جو تنبو کوڙيو آهي. سچ پچ مان بادشاھ آهيان، ۽ مون گلن ڦلن جو تنبو کوڙيو آهي.

(02) سوين تنبو ٺاهيم، پر انهن کي جلائي ڇڏيم.هن ۽ هن (هر شيءِ) کي ترڪ ڪيم، ۽ گلن ڦلن جو تنبو کوڙيم.

(03) مٽيءَ جي مٺ مان پيدا ٿيس، پر بادشاهه بڻجي ويٺس.خاڪ جي پتلي لاءِ بادشاهه بڻجڻ نا ممڪن آهي. مون گلن ڦلن جو تنبو کوڙيو آهي.

(04) مٽيءَ جي مٺ ۾ لڪي پيس، سنڌ س اندر ۾ بيهي ويس.پوءِ هر هنڌ پهتس؛ ۽ گلن ڦلن جو تنبو کوڙيم.

(05) هڪ عجيب (تنبو،شاميانو) کڙو ڪيم؛ ان جي اندر جڳهه ٺاهيم.“خدائي” نالو رکايم، ۽ گلن ڦلن جو تنبو کوڙيم.

غزل (03)

(01) منهنجي زبان مان عشق جو راز دنيا ۾ ظاهر ٿيو.اها موج درياء مان آئي، ان سمورا راز فاش ڪري ڇڏيا.

(02) مان منصور حلاج وانگر اناالحق جو نعرو هڻان ٿو؛ ڇاڪاڻ جو شاهانا بلندي سان گڏ ان جو سر ڦاسيءَ جي تختي تي قلم ڪيو ويو هو.

(03) جنهن کي بہ ان جي معرفت مان حصو مليو، ان ذات مطلق کي پنهنجي ذات ۾ ڏٺو ۽ پنهنجي ذات کان بيزار ٿي ويو.

. (04) هي سمورا عيان (صور علميہ) وحدت جي بي پايان بحر ۾ گم ٿي ويندا ۽ سموري مخلوقات ۾ هڪ ئي حقيقت جاري ۽ ساري نظر ايندي.

(05) ان ذات مطلق ۾سڀي خدائي گم ٿي هڪ ٿي ويئي، ۽ فنا کان بقا ڏانهن اچي دوست ملي ويو.

غزل (04)

(01) پرن کان سواءِ مڪان کان لا مڪان تائين اسان جو پرواز آهي؛ ۽ منهنجو آواز فضائن ۾ گونججي رهيو آهي.

(02) منهنجي دل ۾ حالتن جي ڦيري جذبو پيدا ڪيو آهي، ۽ ان شام شاهباز جو خيال هر وقت ۽ هر جڳهه منهنجو ساٿ ڏئي ٿو.

(03) مستيءَ جي حالت گهڻو ڪري مون کي رقص ۾ آڻيندي آهي. ۽ عشق پنهي جهانن ۾ منهنجو راز فاش ڪري ڇڏيو آهي.

(04) سمنڊ مان وڏيڪ طوفاني ۽ طلاطم خيز موج وانگر آيو، جنهن وقت عشق منهنجو نعرو ۽ منهنجو آواز بنيو.

(05) ذات مطلق ۾ سچي خدائي گم آهي، ۽ اسان جي بلندي به ان جي اڳيان پستي آهي.

غزل (05)

(01) اچ، وحدت جي علم ۾ ڪليل اسرار ڏس (۽ هي ڏس ته) "ابليس ۽ آدم ۽ ڪفر ۽ مسلماني سڀ هڪ آهن".

(02) هر صورت ۾ اهو ئي جلوه ريز آهي، ۽ هر جڳهه اهو ئي عيان آهي. هو هر ذري مان ظاهر آهي، توڙي جو ظاهري طرح هن پنهنجو پاڻ کي لڪايو آهي.

(03) ڪٿي هو ابو بڪر آهي، ڪٿي آذر؛ ڪٿي مسلم، ڪٿي ڪافر ۽ ڪٿي آعظم شاني (1) آهي.

(04) جنهن اناالحق جو نعرو هنيو، اهو ئي دل ۽ جان سان مسلمان ٿي ويو، ۽ پنهنجو پاڻ کي پنهنجي تلوار سان قتل ڪري ڇڏيو.

(1) حضرت بايزيد بسطاميءَ چيو هو. "سبحاني ما اعظم شاني"

غزل (06)

(01) هن محبوب اوچتو جلوو ڏيکاري منهنجي دل کسي ورتي ۽ محبت جي ميدان ۾ عجب انداز سان مون کي شڪار ڪيو.

(02) ان جا خمدار ابرو ڪمان وانگر آهن ۽ ان جون ڪاريون اکيون مست آهن. هن پلڪن جا تير هلائي، مون کي گهائل ڪري ڇڏيو.

(03) آخر ڪنهن ڏينهن هو غريبن ڏانهن ڏسندو ۽ نهايت لطف ۽ ڪرم سان بار بار دوست جو احوال دريافت ڪندو.

(04) عاشق کي درد کان سواءِ ڪو ٻيو ڪم نه هوندو آهي، ڇوڙي کان دانهون ڪندو آهي ۽ اکين کان ڳوڙها وهائيندو آهي

(05) وڇوڙي جي ماريل کي رنج ۽ غم برداشت ڪرڻ جي طاقت هوندي آهي. عش جو اهو غلغلو هر ملڪ ۾ هر شهر ۾ برپا آهي.

غزل (07)

(01)   منهنجو سر تنهنجي عشق ۾ ڪم اچي ويو. توکي مون کان پيو ڇا گھرجي!
منهنجي جان تنهنجي بازار ۾ وڪامي ويئي، توکي مون کان پيو ڇا گھرجي.

(02)   مان ڏينهن رات تنهنجي محبت ۾ شڪسته حال رهان ٿو،

۽ تنهنجي پاڙي ۾ جان ڏئي چڪو آهيان. ڪڏهن مان ڪران ٿو ۽ ڪڏهن اٿي بيهان ٿو،
تو کي مون کان پيو ڇا گھرجي؟

(03)   تو عجيب ڪم ڪيو، جو اک جي اشاري سان منهنجو ساهه ڪڍي ورتو، ۽ ان تي
تون مون سان ناراض آهين؛ توکي مون کان پيو ڇا گھرجي.

(04) هن گدا تنهنجي راهه ۾ پنهنجي جان فدا ڪئي آهي، مان دوست کي ڇڏي چڪو
آهيان، توکي مون کان پيو ڇا گھرجي؟

(05)   منهنجون اهي دانهون ۽ رڙيون، جيڪي سالن جا سال تنهنجي ڪوچي ۾ ڪري
چڪو آهيان، منهنجي دل تنهنجي محبت جي داغ جي ڪري لاله جي گل وانگر ٿي پيئي
آهي، تو کي مون کان پيو ڇا گھرجي؟

(06)   مان حيران ٿي ويس، ويران ٿي ويس، بيجان ٿي ويس. تنهنجي دروازي جي ڪري
رهيو آهيان توکي مون کان پيو ڇا گھرجي؟

(07)   تو اهڙي تلوار هنئين، جو ختم ٿي ويس، ۽ وڏا اسرار ڏٺم، توکي مونکان پيو ڇا
گھرجي؟

(08)   مان تنهنجي دروازي جو ڪتو آهيان، ۽ تنهنجي ديدار جي شوق ۾ روئندو آهيان.
ڏينهن رات تنهنجي ماڙيءَ جي هيٺان ويٺو آهيان، توکي مونکان پيو ڇا گھرجي؟

غزل (08)

(01) تون خدا آهين، خدا آهين، خدا.

تون لا شريڪ آهين ۽ چون و چرا (ڪيئن ۽ ڇو يا سبب ۽ دليل) کان پاڪ آهين.

(02) تون پاڻ ۾ فقط پاڻ کي ئي ڏسندو رهين ٿو.

ان کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ حرڪت (وجود) ۾ ڪانهي.

(03) پر تون هت سوداگر بڻجي آئين، ۽ پوءِ شهنشاهه بڻجي وئين.

(04) تون ابوجهل جي شڪل ۾ به ظهور ڪري چڪو آهين ۽ مرتضيٰ جي صورت ۾ به.

(05) ابوبڪر، عمر ۽ عثمان ذوالنورين به بڻجين ٿو. ۽

حسن، حسين ۽ مصطفيٰ به.

(06) پاڻ تماشو ٿو بڻجين ۽ پاڻ ئي تماشو ٿو ڪرين. جڏهن تون پاڻ تماشو آهين ته پوءِ پيو ڪنهن جو تماشو پيو ڪرين

(07) پاڻ سان پاڻ ئي عشق بازي پيو ڪرين ۽ هر لباس ۾ جلوه نمائي ڪندو ٿو رهين.

(08) پاڻ کي "خدائي" ٿو سڏائين . پر حقيقت ۾ تون پاڻ خدا آهين.

غزل (09)

(01) مان سمهيو پيو هوس، تنهنجي عشق سجاڳ ڪيو

۽ شراب خاني جي راهه و رسم.

(02) اي دوست! جڏهن مان شراب خاني پهتس، ته اتي پهچڻ سان بيهوش ٿي ويس.

(03) مان سوئي عاشق ٿيس ۽ زنار پاتم.

(04) اتي عاشقن جون قطارون هيون. سڀ مستي ۾ آهن ۽ فريادن جي عالم ۾ هئا.

(05) هو بيخود ۽ سرمست هو. سندس مجروح کيس وجد ۽ رقص ۾ وٺي آئي هئي.

(06) هو ڏاڍي خراب نموني زمين تي ليٽي رهيو هو ۽ بلڪل بيهوش هو.

(07) جيڪي ڳالهيون عاقلن جي اڳيان حلال آهن، مون اُهي اُتي حرام ۽ مذموم ڏٺيون.

(08) مون انهن جا حالات ڏٺا ۽ هوش حواس وڃائي ويٺس ۽ انهن جي درد ۽ غم مونکي مرده ڪري ڇڏيو.

(09) انهن مان هڪ مونکي شراب جو جام پيش ڪيو. مان بي پنهنجي هستيءَ کان بيزار ٿي ويس.

(10) هينئر جيڏانهن ڏسان ٿو، هر طرف يار نظر اچي ٿو. مون هر پاسي محبوب جو چهرو ڏٺو.

(11) ان جو حسن مختلف شڪلين ۾ جلوه ريز ڏٺم ۽ مون کي يقين ٿيو ته هو قول ۾ خودمختيار آهي.

(12) ان گهر ۾ گناهه ثواب جو ڪو به فرق ڪونهي، پر ان حقيقت جو اظهار ممڪن نه آهي.

(13) هن انهن اکين کي بينائي ڏني، ۽ در و ديوار ان جي پرتوي کان منور نظر اچڻ لڳي.

(14) انهيءَ درياهه ۾ پاڻ ئي گم ڪري ڇڏ، عاشقن لاءِ اهو سڀ کان سٺو ڪم آهي.

دعائے اختتام

یا اللہ پاک! اس عاجزانہ کوشش کو اپنی بارگاہِ عالیہ میں قبول فرما۔ سچل سرمست رحمۃ اللہ علیہ کے عشقیہ اور روحانی کلام سے جو محبت، طلب، معرفت، عاجزی، صبر اور حقیقت کی جستجو ہم تک پہنچی ہے، اسے ہمارے دلوں کے لیے روشنی اور ہدایت کا ذریعہ بنا۔

بفیضانِ نظرِ شہنشاہِ مرشدِ کامل حضرت صوفی فقیر حکیم وزیر حسین درازی قادری رحمۃ اللہ علیہ ہمیں اخلاص، ادب، محبت، خدمت اور سچی طلب نصیب فرما۔ ہمارے دلوں سے تکبر، ریا، حسد، نفرت اور خود پسندی کو دور فرما، اور ہمیں اپنے محبوب بندوں کی محبت اور نیک لوگوں کی صحبت نصیب فرما۔

یا رب العالمین! ہمارے مرشدِ کامل پر اپنی خاص رحمتیں، برکتیں اور انوار نازل فرما، ان کے فیض کو سلامت رکھ، ان کی دعاؤں کو ہمارے حق میں قبول فرما، اور ہمیں ان کی نسبت کا حق ادا کرنے والا بنا۔ ہمارے والدین، اساتذہ، مرشدین، احباب اور تمام اہلِ ایمان پر رحم فرما۔ جو بیمار ہیں انہیں شفا، جو پریشان ہیں انہیں سکون، جو غم زدہ ہیں انہیں صبر، جو بھٹکے ہوئے ہیں انہیں ہدایت، اور جو حق کے طالب ہیں انہیں اپنی معرفت کی راہ عطا فرما۔

یا اللہ! ہمارے دلوں میں اپنے ذکر کی لذت، اپنے محبوب ﷺ کی محبت، اولیائے کرام کی عقیدت اور نیک عمل کی توفیق پیدا فرما۔ ہماری اس کتاب کو پڑھنے والوں کے لیے نفع، محبت اور اصلاح کا ذریعہ بنا۔ ہماری کوتاہیوں کو معاف فرما، ہماری نیتوں کو پاک فرما، اور ہمیں دنیا و آخرت میں اپنی رضا نصیب فرما۔

آمین ثم آمین **والحمدللہ رب العالمین**

فیضانِ نظرِ مرشدِ کامل

اس فقیر کی اس عاجزانہ کوشش میں اگر کوئی خوبی، روشنی، محبت، اخلاص یا روحانی خوشبو محسوس ہو تو اسے اپنی ذات کا کمال ہرگز نہ سمجھا جائے، بلکہ اسے مرشدِ کامل حضرت صوفی فقیر حکیم وزیر حسین درازی قادری رحمۃ اللہ علیہ کی فیضانِ نظر، دعا، تربیت اور روحانی توجہ کا ایک معمولی سا اثر سمجھا جائے۔

مرشد کی نگاہِ محبت طالبِ حق کے لیے ایک ایسی دولت ہے جو الفاظ سے پوری طرح بیان نہیں کی جا سکتی۔ ایک کامل مرشد اپنے مرید کو صرف راستہ نہیں دکھاتا بلکہ اس کے دل میں طلبِ حق کو زندہ کرتا ہے، نفس کی کمزوریوں کی طرف متوجہ کرتا ہے، ادب و اخلاص کی تعلیم دیتا ہے اور محبت کو عمل میں بدلنے کا حوصلہ عطا کرتا ہے۔

حضرت صوفی فقیر حکیم وزیر حسین درازی قادری رحمۃ اللہ علیہ سے اس فقیر کی عقیدت اسی روحانی نسبت اور ادب کی بنیاد پر ہے۔ ان کی نسبت کو اپنے لیے باعثِ سعادت سمجھتے ہوئے یہ عاجزانہ کتاب انہی کے فیضانِ نظر کی امید پر پیش کی جا رہی ہے۔ اگر اس میں عشقِ سچل کی کوئی خوشبو، معرفت کی کوئی بات یا دل کو نرم کرنے والی کوئی کیفیت محسوس ہو تو اس میں اس فقیر کی قابلیت کم اور مرشد کی دعا و توجہ کا حصہ زیادہ سمجھا جائے۔

اللہ تعالیٰ ہمیں مرشدِ کامل کا ادب، ان کی نصیحت پر عمل، اخلاص، خدمت، عاجزی اور سچی طلب عطا فرمائے۔ ہمیں ظاہری الفاظ سے آگے بڑھ کر محبت کے اصل مفہوم کو سمجھنے کی توفیق دے، اور ہمارے دلوں کو ایسی پاکیزہ نسبت سے وابستہ رکھے جو ہمیں اللہ تعالیٰ کی رضا اور نیکی کی طرف لے جائے۔ یہ فقیر اپنی اس کوشش کو نہایت ادب و عقیدت کے ساتھ اپنے مرشدِ کامل کے قدموں میں پیش کرتا ہے۔

(15) "**خدائي**" توحيد جي سمنڊ ۾ غوطه زن آهي. باطن جو خيال ترڪ ڪري ڇڏ

ختم شده

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

سچل سرمست جي سرن تشريح

سچل سائين جي ڪلام جي تشريح ۽ مفهوم

هي ڪتاب حضرت سچل سرمست رحمت الله عليه جن جي بلند ۽ بامقصد ڪلام جي تشريح ۽ سمجهائي تي مشتمل آهي. سچل سرمست جو ڪلام صرف هڪ شاعري نه بلڪ هڪ روحاني پيغام، اصلاح معاشريٰ جو درس ۽ حق جي سچائپ جو ذريعو آهي. هن ڪتاب ۾ سچل سائين جي چونديل سرن جي معنيٰ، مفهوم، پسمنظر ۽ روحاني پهلوئن کي عام فهم سنڌي زبان ۾ پيش ڪيو ويو آهي ته جيئن پڙهندڙن کي سندن ڪلام جي گهرائي ۽ اسرار کي سمجهن ۾ آساني ٿئي.



ترجمو

فقير عامر علي درازي

بفيضانِ نظر

شهنشاهِ مرشدِ ڪامل

حضرت صوفي فقير حڪيم وزير حسين درازي قادري

رحمت الله عليه